ميرزا دبير

# ديوان گل جي اشاعت تي آخوند گل محمد هالائيءَ جي چيل قطعہ تاريخن جو فني اڀياس


***Abstract:***

*Akhund Gul Mohammad Halai was a renowned poet of Sindhi Ghazal. He was the first poet who composed a Deewan of Ghazals with rhymes in Sindhi alphabetic order in the year 1853-1854 A.D. This is popularly known as 'Deewan-e-Gul'. In this Deewan some **chronograms** are given which had been hitherto unknown in Sindhi poetry. These **chronograms** bear a great literary significance. In this article these **chronograms** are analyzed in the light of the art of **chronograms writings**.*


’**ديوان**‘ فارسي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جي جاءِ“. ادبي اصطلاح ۾ ”ڪنهن شاعر جو الف- ب وار قافيي تي جوڙيل غزلن جي مجموعي کي ديوان چئجي ٿو.“(۱) لفظ ”ديوان“ جي وصف لغت ۾ هِن ريت ڇاپايل آهي:

A complete series of odes or other poems by one author, running through the whole alphabet; the rhymes of the first class terminating in ا, the second in ب, the third in ت, &c. also the collection of the works of one author in prose, as well as verse, especially after he is dead(۲).

سنڌ ۾ غزل جي صنف تي ديوان جوڙڻ جي شروعات مغل دؤر کان ٿي پائنجي، پر ان گهڻو زور ڪلهوڙا ۽ ٽالپر دؤر ۾ ورتو ۽ اُن دؤر جي ڪيترن ئي شاعرن فارسي ۾ غزلَ چئي پنهنجا ديوان جوڙيا. سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون صاحبِ ديوان شاعر آخوند گل محمد هالائي آهي، جنهن سنڌيءَ جي پنهنجي ترتيب ڏنل، ۵۵ اکرن تي مشتمل آئيويتا تي سنڌيءَ ۾ پهريون غزلن جو ديوان جوڙي، ۲۰- جمادي الثاني ۱۲۷۵ھ/ ۱۲- جنوري ۱۸۵۹ع (۳)تي بمبئيءَ مان ڇپرايو. هِن ديوانَ متعلق گنگارام گرگ لکي ٿو:

A collection of Sindhi Ghazals composed by Gul Mohammad Akhund (q.v.). This Diwan occupies an important place in





Sindhi poetry, because of the first Diwan ever published in this language(۴).

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڏَسائي ٿو: ”خليفي صاحب کان پوءِ ئي سنڌي ديوانن ۽ ڪلياتن لکڻ جو رواج پيو. هن وقت ديوان قاسم، ديوان بلبل، ديوان فاضل، ديوان سانگي، ديوان قليچ، ديوان خاڪي، ديوان نجفي، ديوان واصف، ديوان حافظ، ديوان احسن ۽ ديوان قادري وغيره موجود آهن، پر انهن سڀني جو پيش رو ”ديوان گل“ آهي.“(۵)

آخوند گل محمد پنهنجي جوڙيل ديوان جي منڍ ۾ ’قانون شناخت حروف سندهي و فارسي و عربي‘ ڪي ’ڇِپَائِي‘جو عنوان ڏنو آهي ۽ انهيءَ موضوع کي سمجهائڻ لاءِ هُن، ان کي ٻارهن بابن ۾ ورهايو آهي ۽ هر هڪ باب کي ’واٽ‘سڏيو اٿس؛ جيڪو ڏهن صفحن تي مشتمل آهي. ٻارهين صفحي تي ديوان جي اشاعت جي قطعہ تاريخ ڏنل آهي، ۽ صفحي ٻارهين تي ڪتاب جي فهرست ’مُهَرُ ديوان گل جو‘جي عنوان سان ڏني وئي آهي. ان کانپوءِ ديوان شروع ٿئي ٿو، جيڪو ۸۷ صفحن تي ٻڌل آهي ۽ آخري ٽن صفحن تي صاحبِ ديوان جون، ديوان لکي پوري ڪرڻ تي اٺ سنڌي، ڇهن هندي ۽ ٻارنهن فارسيءَ ۾ چيل قطعہ تاريخون ڏنل آهن، جنهن مان ۱۲۷۰ھ جو سن حاصل ٿئي ٿو.

سنڌي ادبي تاريخن ۽ تذڪرن ۾ قطعہ تاريخ جي فن تي عام طور تي ۽ آخوند گل محمد جي تاريخ گوئيءَ تي خاص طور تي ڪو ڌيان نہ ڏنو ويو آهي. هُو نہ فقط سنڌي غزل جو وڏو ۽ باڪمال شاعر هو، پر ڪيس تاريخ گوئيءَ تي بہ خاصو مَلڪو حاصل هو ۽ هُن سنڌي توڙي فارسي ۽ هنديءَ ۾ قطعہ تاريخون چئي پنهنجي سخنوريءَ جا جوهر پَسايا آهن. پر کيس تاريخ گو جي حيثيت ۾ اُهو مقام حاصل نہ ٿي سگهيو، جنهن جو هُو حقدار هو.

آخوند گل محمد پنهنجو ديوان سنہ ۱۲۷۰ هجريءَ ۾ لکي پورو ڪيو ۽ پوءِ ديوان جي مڪمل ٿيڻ تي پاڻ ئي سنڌيءَ سان گڏ هندي ۽ فارسيءَ ۾ قطعہ تاريخون چيون، جن ۾ ۱۲۷۲ھ لکيو ويو آهي. پر انهن تاريخن مان ابجد جي قاعدي موجب ۱۲۷۰ھ جو سن حاصل ٿئي ٿو. ان کانسواءِ قطعہ تاريخن مان سنڌيءَ جي ۲، ۴ ۽ ۵، هنديءَ جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۱، ۲ ۽ فارسيءَ جي ۱، ۴، ۵، ٦، ۷، ۱۱ تاريخن کي "رباعي" لکيو ويو آهي. پر علمِ عروض ۾ رباعيءَ جا ۲۴ اوزان[٦] مقرر ڪيا ويا آهن ۽ اِهي تاريخون رباعي جي بحر ۾ نہ ٿيون اچن، تنهنڪري هِنن کي قطعہ ۾ شمار ڪيو ويو آهي.

"ديوانِ گل" جون قطعہ تاريخون ڏيڻ کان پهرين، هِتي قطعہ تاريخ جي فن جو مختصر تعارف ۽ جمل جي قاعدي موجب ابجد جي مقرر ٿيل اکرن جي مُلھ بابت ڄاڻ ڏيڻ بہ ضروري آهي.

"قطعہ تاريخ" علمِ بديع جي صنعتن مان هڪ صَنعتَ آهي، جنهن ذريعي مُتَڪَلِم ڪنهن لفظ، مصرع يا ان کان وڌيڪ ڪنهن عبارت مان واقعي جو سال ظاهر ڪري ٿو ۽ اُهو هجري يا عيسوي سال انهن اکرن جي عددن مان جُمل جي حساب مطابق ظاهر ٿئي ٿو. سيد فاضل شاھ قطعہ تاريخ جي تعريف "ميزان شعر يعني ڏوهيڙن جي تارازي" ۾ هن ريت لکي آهي:

تاريخ اُها غزل وانگي ۽ قصيدي وانگي ۽ رباعي طرح بہ ٿئي. پر پوئين مصرع مان انهيءَ جي، عدد وٺي ابجد جا، سن ڪڍجي. پوءِ يا تہ اُها تاريخ هوندي ڄمڻ جي يا شادي جي يا اڏپ جي يا مرڻ جي. پر جي پوئين مصرع سڄي جي عددن مان سن پورو نہ نڪتو تہ تڏهن يا عدد وڌي ويا هوندا تہ پوئين بيت ۾ کو اهڙو اشارو ڪبو جنهنڪري پوئين مصرع مان انهي جي، ڪاٿي پورو سب ڪبو ۽ جي عدد وره کان ڪٿل هوندا تہ ٻيا وجهي سن پورو ڪبو.[۷]

مرزا قليچ بيگ لکي ٿو: "ظاهر انگن ڏيڻ جي بدران اهڙا بامعنيٰ لفظ يا جملا يا آيتون يا شعر ٺا ڏجن، جن مان اکرن جي ملھ ٻڌڻ ۽ جملي ڪرڻ سان گهربل تعداد موجود ٿئي ٿو. ڪي ڪي تہ اوچتو اهڙا عجيب لفظ ۽ جملا ايندا آهن، جو حيرت لڳي ويندي آهي."[۸]

ميرزا فتح علي بيگ وري هن طرح بيان ڪئي آهي: "تاريخ گوئي اُهو نظم آهي جنهن جي مخصوص لفظ، جملہ يا مصرع مان ابجد جي طريقي سان شهادت، انتقال، ولادت، شادي، عمارتن جي تعمير ۽ ڪتابن جي تصنيف و تاليف ۽ مشهور واقعات جي آغاز ۽ اختتام تي نمايان طرح سال ڄاڻايو وڃي ٿو."[۹]





"قطعہ تاريخ" جي فن جو بنياد جمل جي حساب تي آهي ۽ جمل جي قاعدي موجب ابجد جي ترتيب مطابق هر هڪ اکر جو مُلھ مقرر ڪيو ويو آهي. ابجد جي انهن اکرن کي ٽن يا چئن اکرن جي گروھ ۾ گڏ ڪري، انهن جي عددن جي اعتبار کان اهڙي ريت ترتيب ڏنو ويو، جو پهرين ڏهن اکرن جا عدد ايڪن ۾ ۱ کان ۱۰ تائين، پوءِ اٺن اکرن جا عدد ڏهاڪن ۾ ۲۰ کان ۹۰ تائين ۽ باقي ڏهن اکرن جا عدد سَؤن ۾ ۱۰۰ کان ۱۰۰۰ تائين مقرر ڪيا ويا آهن. جمل جي قاعدي موجب ابجد جي اٺن لفظن جو مُلھ هِن ريت مقرر ڪيل آهي:

| ابجد | هوز | حطي | ڪلمن | سعفص | قرشت | ثخذ | ضظغ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ا: ۱ | ه: ۵ | ح: ۸ | ڪ: ۲۰ | س: ٦۰ | ق: ۱۰۰ | ث: ۵۰۰ | ض: ۸۰۰ |
| ب: ۲ | و: ٦ | ط: ۹ | ل: ۳۰ | ع: ۷۰ | ر: ۲۰۰ | خ: ٦۰۰ | ظ: ۹۰۰ |
| ج: ۳ | ز: ۷ | ي: ۱۰ | م: ۴۰ | ف: ۸۰ | ش: ۳۰۰ | ذ: ۷۰۰ | غ: ۱۰۰۰ |
| د: ۴ | | | ن: ۵۰ | ص: ۹۰ | ت: ۴۰۰ | | |

جيئن تہ ابجد جا اکر عربي حروف تهجي مان ورتل آهن، ان ڪري ان ۾ اُهي اکر شامل نہ آهن، جيڪي سنڌي الف-ب ۾ موجود آهن. سنڌيءَ ۾ تاريخ چوڻ لاءِ انهن اکرن جو استعمال ٿئي ٿو، تنهنڪري انهن اکرن جا عدد مقرر ڪرڻ ضروري هئا، جنهن ڪري فن جمل جي ماهرن اِنهن اکرن کي آئيويٽا جي ترتيب مطابق، ابجد جي اٺن لفظن ۾ آيل هر اکر جي عدد برابر ان کان پوءِ واري اکر جا عدد مقرر ڪيا. مثال طور: "ب" کان پوءِ وارن اکرن "ٻ"، "ڀ" ۽ "پ" جا عدد "ب" جي عدد برابر بہ ٿيندا ۽ اهڙيءَ ريت ٻين اکرن جا بہ عدد مقرر ڪيا ويا، جن کي آخوند گل محمد هالائيءَ سال ۱۲۷۵ھ/ ۱۸۵۹ع ڌاري بمبئي ۾ ڇپايل پنهنجي ديوانَ "ديوانِ گُل" جي "ڇِٽائي" جي واٽ يارهين ۾ تشڪيلي صورت ڏني. سندس مقرر ڪيل اکرن جو مُلھ هِن ريت آهي:

چٽ اکرن ۽ انگن ۽ ڳڻتي مڙني اکرن سنڌي ۽ فارسي ۽ عربي جو مٿي ليکي ابجد جي[۱۰]



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

| اکر | انگ | ڳڻتو | اکر | انگ | ڳڻتو | اکر | انگ | ڳڻتو |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اء | ۱ | هڪڙو | ڊ | ۴ | چار | ڦ | ۸۰ | اسي |
| ب | ۲ | ٻه | ڍ | ۴ | چار | ق | ۱۰۰ | سو |
| ٻ | ۲ | ٻه | ڌ | ۴ | چار | ڪ | ۲۰ | ويھ |
| ڀ | ۲ | ٻه | ڏ | ۴ | چار | ک | ۲۰ | ويھ |
| پ | ۲ | ٻه | ذ | ۷۰۰ | ست سؤ | گ | ۲۰ | ويھ |
| ت | ۴۰۰ | چار سؤ | ر | ۲۰۰ | ٻه سؤ | گھ | ۲۰ | ويھ |
| ٿ | ۴۰۰ | چار سؤ | رھ | ۲۰۰ | ٻه سؤ | ڳ | ۲۰ | ويھ |
| ٽ | ۴۰۰ | چار سؤ | ڙ | ۲۰۰ | ٽي سؤ | ڱ | ۲۰ | ويھ |
| ٺ | ۴۰۰ | چار سؤ | ز | ۷ | ست | ل | ۳۰ | ٽيھ |
| ث | ۵۰۰ | پنج سؤ | ڙ | ۷ | ست | لھ | ۳۰ | ٽيھ |
| ج | ۳ | ٽي | س | ۶۰ | سَٺ | م | ۴۰ | چار |
| جھ | ۳ | ٽي | ش | ۳۰۰ | ٽي سؤ | ن | ۵۰ | پنجاھ |
| ڄ | ۳ | ٽي | ص | ۹۰ | نَوّي | نھ | ۵۰ | پنجاھ |
| ڃ | ۳ | ٽي | ض | ۸۰۰ | اٺ سؤ | ڻ | ۵۰ | پنجاھ |
| چ | ۳ | ٽي | ط | ۹ | نَنوَ | و | ۶ | ڇھ |
| ڇ | ۳ | ٽي | ظ | ۹۰۰ | نَنوَ سؤ | ه | ۵ | پنج |
| ح | ۸ | اٺ | ع | ۷۰ | ستر | ي | ۱۰ | ڏھ |
| خ | ۶۰۰ | ڇھ سؤ | غ | ۱۰۰۰ | هزار | | | |
| د | ۴ | چار | ف | ۸۰ | اسي | | | |

هاڻي ”ديوانِ گل“ جي لکي پوري ٿيڻ تي، گُلَ جون چيل تاريخون ڏجن ٿيون:

## تاريخون سنڌي ۽ هندي ۽ فارسي منجھ وَرِهَ پوري ٿيڻ دِيوَان گُلَ جي:

آخوند گل محمد جيڪي قطعہ تاريخون چيون آهن، سي اڪثر ”معنوي“ صورت ۾ آهن. معنوي جي لغوي معنيٰ آهي: معنيٰ وارو. سمجھاڻي وارو. ڳجھو. لڪل.(۱۱) تاريخ گوئي جي اصطلاح ۾ ڪنهن اکر، لفظ يا لفظن جي مجموعي مان جمل جي قاعدي موجب ڳھربل سن حاصل ٿي، تہ اهڙي تاريخ کي معنوي تاريخ چئجي ٿو.(۱۲) معنوي تاريخ چوڻ لاءِ ان ڳالھ جو خيال رکڻ ضروري آهي، تہ معنوي تاريخ لاءِ اهڙا لفظ





استعمال ڪجن، جن جو واقعي سان تعلق يا ان ڳالھ سان ڪا نسبت هجڻ ضروري آهي ۽ گُلَ بہ پنهنجي نالي جي نسبت سان پنهنجي ديوان کي بہ ”گل“ سان مشابهت ڏئي، جيڪي تاريخون اخذ ڪيون آهن، تن مان سندس فڪري بلاغت کي پَرکي سگھجي ٿو.

## سنڌي قطعہ تاريخون:

نظمَ سنڌيءَ ۾ جڏهن ديوان گُلُ
گُلَ وَرِهَ تاريخَ اُن جي ۾ چيو
لُطفَ حق جي ساڻُ قُلَ وانگر ڦُليو
آهِ هي گُل باغ حق جي جو کُليو.
۱۲۷۰ھ

پيو جڏهن پاهرِ ٽِڙي رِيَ ناهِ گُلُ
منجھ کُلَڻَ تاريخَ اُن جي وَرِهَ ۾
کيو خدا مقبول رِيَ لَهُ لاهِ گُلُ
خوب چٽو گُلَ باغَ رب جو آه گُلُ
۱۲۷۰ھ

مِڙِنِ اکَرن جي متي دِيوَان گُلُ
منجھ ٽِڙَڻَ تاريخَ اُن جي خوب گُلَ
ٽيو چڱو خوش گُل محمد جو ڦُليلُ
چئو سدا گُلُ باغَ احمد جو کُليلُ
۱۲۷۰ھ

مَنجھ بَاغَ سنڌي کُليو صفا گُلُ
تاريخ ٽِڙڻ جي گُلَ چڱي چئي
منجھ نظم ملوڪ خوش لقا گُلُ
گُل باغ محمدي سدا گُلُ
۱۲۷۰ھ

مَنجھ باغَ نظم کُليو صفا خُوبُ خُوبُ گُلُ
ڪاغذ سَنڌي چمن تي قلم گُل بنايو
منجھ ڏينهن رات صبح مسا خوبُ خوبُ گُلُ
تاريخ ان جي چئي گل چا خوب خوب گل
۱۲۷۰ھ

سنڌ جي ڪن شاعرن، شاعريءَ جي ڪن ٻين صنفن ۾ بہ ماده، تاريخون چيون آهن، جن مان ميرزا مراد علي بيگ ’سائل‘ ۽ سيد ثابت علي شاهہ جا نالا مُهَڙ ۾ شمار ڪري سگھجن ٿا، جن جي چيل ڪلام مان مرثيي ۽ مثنويءَ ۾ ماده، تاريخ جو عنصر نظر اچي ٿو. آخوند گل محمد بہ ”غزل“ جي گھاڙيٽي ۾ قطعہ تاريخ چئي آهي:

### غزل:

ٽيو جڏهن پورو کُلي ديوانُ گُلُ
گُل محمد سانوڻيءَ هالن اندر
ڏينهن ڪي رمضانَ ڪي شوالَ جا
پَٺِ اکيون طالبَ ڏسي گُلَ واسُ ڳُنڌ
ورهَ پُورَتِ جي ۾ چيني فڪر سان
طبعَ جي مُکرِيَ منجهان هي ٽِڙيو ڦُلُ
خوش بنايو باغُ جنهن جو نانھ تُلُ
منجھ مهيني ڏيڍ ٽئڙو راسِ ڪُلُ
ڏيانَ دل جي سان مکر هئي هائي هُلُ
گُلَ چئي تاريخ چو تاريخ گُلُ
۱۲۷۰ھ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair

قطعہ تاريخ جو هڪ قسم صنعت معما بہ آهي، جنهن ۾ تاريخ ڳجهن يا لڪل لفظن ۾ بيان ڪئي ويندي آهي.(١٣) سنڌي شاعريءَ ۾ ”صنعت معما“ ۾ تاريخ چوڻ جو سهرو آخوند گل محمد جي سر آهي. هِن قطعہ تاريخ ۾ گُل ديوان جي تڪميل جو سن ”سو ٻارہَ سَٺ ساڍي آهي پويون ڏِهو شوال جو“ مان ١٢٧٠ھ اخذ ڪيو آهي: ساڍي سَٺ معنيٰ ستر(١٤) ۽ ”پويون ڏِهو شوال جو“ يعني شوال مهيني جي آخري تاريخ.

قطعہ مُعَمَّا:

نظم سنڌيءَ ۾ جڏهن ديوان گُل گُلَ ڪيو تمام    ڪِئَين لکي اُن ۾ بيان ڪو ذڪر پنهنجي حال جو
منجهہ وَرِہَ ۽ ماہَ پڻ تاريخ گل ڏِسُ خوب چِي    سو ٻارہَ سَٺ ساڍي آهي پويون ڏِهو شوال جو.

١٢٧٠ھ

هيءَ قطعہ تاريخ بہ صنعت معما ۾ چيل آهي، پر موجوده وقت ۾ قطعہ تاريخ جي ان قسم کي ”صنعت تخرجہ“ چئجي ٿو. ”تخرجو“ عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ مادہء تاريخ جي وڌاءَ کي درست ڪرڻ آهي(١٥). فن جمل جي اصطلاح ۾ تخرجہ اُهو فن آهي، جنهن ذريعي ماده تاريخ ۾ وڌيل عددن کي گهٽائڻ واري طريقي کي ”تخرجہ“ چئجي ٿو.

ٽيو کُلي گُلُ گُلَ جڏهن ديوان گُلَ منجهہ نظم گُلُ    سڀ چئو ري ٿاہَ آهي گُلُ حقيقي باغ جو
منجهہ ٽڙڻ تاريخ پورت جي ۾ گُل گُل واہ گُلُ    گُلَ چيو ري لاهہ آهي گُلُ حقيقي باغ جو

٣٦ - ١٣٠٦ = ١٢٧٠ھ

هندي قطعہ تاريخون:

جب ک ے دیوان گل بنا گل خوب    سندھی بولی میں وہ اچھا گل خوب
اُن کی تاریخ میں کہا گل نے    گلشن علم کا کلا گل خوب

1270ھ

جب کٹا گل دک جفا کے باغ کا    تب بنا گلبن صفا کے باغ کا
اسکے کھلنے کے برس میں گل کہا    کہ کلا اب گل وفا کے باغ کا

1270ھ

کلایوں کب گل دیوان سندھی    کسی گلزار میں ایسا کو کم ہے
تماشا دیکھ کے تاریخ اس میں    کہا ہاتف نے وہ باغ ارم ہے

1270ھ

بنا جب نظم میں دیوان گل گل    ہر ایک دیکھے کہا وہ واہ وہ واہ
ایون تاریخ میں گل خوب بولا    گل باغ صفا وہ واہ وہ واہ

1270ھ





جب کلا خوش نظم میں دیوان گل    اسکی رنگت دیکھ گل بوٹا ہوا
خوب خوش تاریخ میں گل گل کہا    گلشن توحید کا بوٹا ہوا

1270ھ

قطعہ مُعما:

جب کلا دیوان گل بولن لگی    گل پہ بلبل زاغ تھا اوپر سمن
طبع طوطی کل کہا تاریخ یون    خوب خوش لی رنگ گل تھا داغ بن

2275 - 1005 = 1270ھ

فارسي قطعہ تاريخون:

شُد نظم چون چند بیت مفصل    در ذکر بیان راز مجمل
نامی بدیوان گل بتاریخ    گل باغ کمال اہل کُمل

1270ھ

چون شگفتہ غنچہ ءدیوان گل    در گرفتہ دامنش خار عیوب
جستم از ہاتف بتاریخش عدد    گفت او بادا پذیرا در قلوب

1270ھ

چون این دیوان گل از لطف ایزد    بگلزار جہان چون گل شگفتہ
بگوش من سروش غیب از حق    سن نظمش زہی مرغوب گفتہ

1270ھ

چون شگفتہ این گل خوش از ازہار نظم    سفتہ در سندھی زبان در تار نظم
در بہار سال تاریخش ز ذوق    خوش بگفتہ گل زہی گلزار نظم

1270ھ

شد چون شگفتہ چند گل پر نگار نظم    در گلستان گل شدہ گل روزگار نظم
گل در بہار آمد و اندر بہار گل    گل گل چہ گل بگفت زہی گل بہار نظم

1270ھ

چو چندین گل بتار نظم گل سفت    سمن با سنبل و ریحان شد جفت
بہارش راچہ خوش گل گفت تاریخ    بگلزار جنان گل جان بشگفت

1270ھ

شد این نظم در ذکر آیات حق    بہ سندہی زبان در کرامات حق
بہ گلزار عالم چون این گل شگفت    چہ خوش گفت گل وہ گل ذات حق

1270ھ

چون گل ب ہ یک چند از گلزار گل    آمد اندر گلبن گل در شہود
در بہار ماہ و سالش گل بگفت    ز آخر شوال یوم چند بود

1270ھ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**قطعہ معما:**

منظوم شد چو چند غزل در زبان سند    بر جملہ حرف گشتہ دیوان گل تمام
ب شگفتہ گل ز نظمش تاریخ گل بگفت    دیوان گل بر آمد از گلشن نظام

121 - 1391 = 1270ھ

**قطعہ معما:**

در نظم شعر سندی گل چند گل جو سُفت    ہر یک ز دید نش بس قریب گل
گل گفت سال نظمش چندین گل بہا    آمد برون ز گلبن طبع غریب گل

175 - 1445 = 1270ھ

**قطعہ معما:**

چو خ وش بستان گل منظوم بی خار    چہ خوش خندان گل منظوم بی خار
چہ خوش بہ شگفت گل خوش گفت تاریخ    چہ خوش دیوان گل منظوم بی خار

2071 - 801 = 1270ھ

قطعہ تاريخن ڪانپوءِ آخر ۾ هيءَ قطعہ ڏني وئي آهي. هِن کي بہ رباعي لکيو ويو آهي، پر رباعي جي بحر وزن ۾ ناهي:

بَخش هِنَ عاصي کي ڏٽيمِ جنهن لکيو جوڙيو ڪتاب
جيڪِين گهٽ وڌ ٿيو چوڻ ۾ عفو ڪر تنهن جو حساب
جو پڙهو ان کي پروڙي پوءِ ڏِکي يا جوڙي عيب
اجر ڏي ان جو گهٽيرو ان کي سانيم تون ثوابُ

مٿي ڏنل قطعہ تاريخن مان اِها ثابتي ملي ٿي تہ، آخوند گل محمد پنهنجو ديوان سنہ ١٢٧٠ھ ۾ لکي پورو ڪيو. پر ”ديوانِ گل“ جي اشاعت سنہ ١٢٧٥ هجريءَ ۾ اُن وقت ممڪن ٿي، جڏهن پاڻ حج تي پئي ويو. اُنوقت آخوند صاحب پيهر پنهنجو ديوان نظر مان ڪيندي، ان جي اشاعت تي معنوي صورت ۾ هيءَ قطعہ تاريخ جوڙي:

ٿيو جڏهن ديوان گل پورو ڪُلي    سَپَ ڏسي ڇپيو آهي وه وه خوب خوب
محمدي مطبع ۾ پوءِ محمد حسين    ڇپيو چٽئو آهي وه وه خوب خوب
وره ڇاپڻ جو پڇئم دل ڪان درست    چيائين ڇپيو آهي وه وه خوب خوب[١٦]

١٢٧٥ھ

جڏهن تہ ديوان جي پڇاڙيءَ ۾ ڪاتب حافظ عثمان فارسيءَ ۾ قطعہ تاريخ چئي، ”باغ عرب“ مان معنوي صورت ۾ اشاعت جو سن ١٢٧٥ھ اخذ ڪيو آهي:

ای صاحب عزت و مسند خلافت    عزیز ہر دل و جان زی ولایت
ہر ان شرطی کہ فیما بین صادر    وفا از بندہ شد با حکم قادر





ہنوز ایشان وفا نا کردہ وعدہ    بزمہءِ انحضور نیک ماندہ
بشد اتمام از مسکین عثمان    بتاریخ سیوم از ماہ شعبان
اگر ار سال پرسی ہوش خرد کن    شمر دن نیک از باغ عرب کن[17]

آخوند گل محمد هالائي سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جي شاعرَ جي حيثيت ۾ سڃاتو وڃي ٿو ۽ سندس ديوانَ کي ”سنڌي غزل جي پهرين ديوان“ جو شرف بہ حاصل آهي. پر آخوند گل محمد هڪ تاريخ گو جي حيثيت ۾ بہ پاڻ مڃايو آهي، جنهن جو مثال سندس چيل قطعہ تاريخن مان پَرکي سگهجي ٿو.

## حوالا


١. انوشہ، حسن، ’فرہ نگنامہءادبی فارسی‘ (جلد دوم)، تہران: سازمان چاپ وانتشارات، 1997ع، ص:602.
2. Richardson, John: A Dictionary, Persian, Arabic and English (Vol:I). LONDON. 1806, P:453.
٣. هاشمي، عبدالقدوس، تقويم تاريخي (قاموس تاريخي)، اسلام آباد: اداره‌ء تحقيقات اسلامي، ١٩٨٧ع، ص: ٣١٩.
4. Garg, Ganga Ram: (?). International Encyclopaedia of Indian Literature (Vol. VIII-Sindhi). New Dehli: Mittal Publications.
٥. ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي، ’ديوان گل ۽ خليفو گل محمد هالائي‘، ٽماهي ’مهراڻ‘ رسالو-٢، ايڊيٽر: غلام محمد گرامي، ١٩٧٢ع، ص:١٦٩.
٦. صائب، عبدالقيوم، عروض جا اهڃاڻ. حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز، ٢٠١٣ع، ص: ٤٣٩.
٧. فاضل شاهہ، سيد، ’ميزان شعر يعني ڏوهيڙن جي تارازي‘، ڪراچي: وديا ونود، ١٨٨٣ع، ص:٦-٧.
٨. قليچ بيگ، مرزا، ’سنڌي وياڪرڻ‘، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، ٢٠٠٦ع، ص:٧٦.
٩. شاهد، فتح علي بيگ، ’ميرزا، تاريخي قطعات‘، روهڙي: بيدل يادگار ڪاميٽي، ٢٠٠٨ع، ص:٠٧.
١٠. هالائي، گل محمد، آخوند، ’ديوان گل‘، بمبئي، ١٢٧٥ھ، ص:١٠.
١١. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ’جامع سنڌي لغات‘ (جلد ٣)، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ٢٠٠٧ع، ص:١٧٩٩.
12. جنگ وَلا، نواب عزیز، ’شمس العلماء، غَرائب الجمل‘، نئیں دہلی: قومی کونسل براءِ فروغ ادب اردو زبان. 1998ع، ص:113.
١٣. ساڳيو، ص:١٦٢
١٤. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، جامع سنڌي لغات (جلد ٻئو). حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو. ٢٠٠٧ع، ص:١١١٢.
١٥. سرهندي، وارث، ’جامع علمي اردو لغت‘، لاهور: علمي ڪتاب خانہ، ١٩٩٣ع، ص:٤٣٩.
١٦. شاهد، فتح علي بيگ، ’ميرزا، تاريخي قطعات‘، روهڙي: بيدل يادگار ڪاميٽي، ٢٠٠٨ع، ص:١١.
١٧. ساڳيو، ص: ٨٧.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair